SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1973

SINDH ORDINANCE NO.XII OF 1973

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس، 1973

THE SINDH PUBLIC SERVICE COMMISSION ORDINANCE, 1973

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. ڪميشن جي جوڙجڪ
Composition of commission

3. ميمبر جي آفيس جو مدو
Term of office of Member

4. ڪميشن جا ڪم
Functions of the Commission

5. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريہ 1973
SINDH ORDINANCE NO.XII OF 1973
سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس، 1973
THE SINDH PUBLIC SERVICE COMMISSION ORDINANCE, 1973

[7 سيپٽمبر 1973]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لاءِ پبلڪ سروس ڪميشن فراهم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ لاءِ پبلڪ سروس ڪميشن ۽ لاڳاپيل معاملن کي ڏسڻ لاءِ ضروري ٿي پئي آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس، 1973 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي:

(a) "ڪميشن" مطلب هن آرڊيننس تحت قائم ڪيل سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن؛

(b) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت،

(c) "ميمبر" مطلب ڪميشن جو ميمبر ۽ جيستائين مفهوم ڪجهہ ٻيو طلب نہ ڪري، ان ۾ شامل آهي چيرمين پر؛ ۽

(d) "بيان ڪيل" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل.

ڪميشن جي جوڙجڪ

Composition of commission

3. (1) سنڌ صوبي لاءِ هڪ پبلڪ سروس ڪميشن هوندي، جيڪا حڪومت طرفان مقرر ڪيل ٽن ميمبرن تي مشتمل هوندي، بشرطيڪ حڪومت ڪنهن بہ وقت اهڙي عرصي لاءِ ميمبرن جو انگ وڌائي سگهي ٿي جيئن اها طئي ڪري ۽ پاڪستان جي سروس مان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ماڻهن کي ايڪس آفيشو ميمبر طور مقرر ڪري سگهي ٿي اهڙا ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ جيئن حڪومت طئي ڪري.

(2) حڪومت ميمبرن مان ڪنهن هڪ کي ڪميشن جو چيئرمين نامزد ڪندي،

بشرطيڪ سنڌ بلوچستان پبلڪ سروس ڪميشن جا سنڌ صوبي مان مقرر ڪيل ميمبر ۽ چيئرمين 14 آگسٽ 1973 جي هن دفعہ تحت جوڙيل ڪميشن تحت سمجهيا ويندا ۽ انهن طرفان هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ اڪيلي سر يا بلوچستان صوبي مان مقرر ڪيل ميمبر سان گڏيل طور ڪنيل قدم يا جاري ڪيل حڪم ڪارگر نموني ڪنيل قدم يا جاري ڪيل حڪم سمجهيا ويندا، جيئن معاملو هجي.

ميمبر جي آفيس جو مدو

Term of office of Member

4. (1) هڪ ميمبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکندو، بشرطيڪ حڪومت:

(a) ميمبر جي عهدي جو مدو اهڙي عرصي لاءِ وڌائي سگهي ٿي، جيئن اها طئي ڪري؛ ۽

(b)سبب رکاردِ تي آٽڻ کانپوءِ، ميمبر جي عهدي جو مدو پورو ٿيڻ کان اڳ ان جي مقرري ختم ڪري سگهي ٿي.

(2) ميمبر پنهنجي عهدي تان گورنر کي هٿ اکرين استعيفيٰ اماڻي سگهي ٿو.

(3) سروس جي ميمبرن جا شرط ۽ ضابطا اهڙيءَ ريت هوندا جيئن حڪومت طئي ڪري.

کميشن جا ڪم

Functions of the Commission

5. ڪميشن جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) هيٺين تي مقررين لاءِ ٽيسٽ ۽ امتحان منعقد ڪرڻ:

(i) صوبي جي معاملن سان لاڳاپيل صوبائي سول سروس ۽ ٻين سول عهدن تي؛ ۽

(ii)ڪارپوريشن يا آرگنائيزيشن يا ڪنهن قانون تحت حڪومت طرفان ٻڌي بادي سيٽ اپ ۾ يا ان تحت اهڙا عهدا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(b) حڪومت کي اهڙن معاملن تي مشورو ڏيڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي، جيڪي اهڙن ماڻهن جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن سان لاڳاپيل هجن جيڪي صوبائي سول سروس جا ميمبر آهن يا صوبي جي معاملن سان لاڳاپيل سول عهدو رکندا هجن.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

6. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.